ڪاليج مٽر ته هڪ هڪ ڪري موڪلائي ويا پر سندن بحث مغز مان موڪلائي نه سگهيو. اڃا پلنگ تي ليٽي ليٽي بحث جي سٽ سٽ کي دل ئي دل ۾ دهرائي رهي هئس. ڏاڍو عجب لڳم، جڏهن ڏٺم، سڀني جي بحث مان گول ٿهي پيو هو، جڻ بحث هو، ڌرتيءَ مٿان وڪرائي ڦاڪن جون ليڪون هيون.

”زندگي ڪهڙن انسانن لاءِ آهي“ ان وشيه تان شروع ٿيو هو بحث. هر ڪنهن انکي پنهنجي نموني ۾ پيش

# ”انسان جو آهيون....“

ڪيو. هڪ چيو، ”هيڏي حسين دنيا ۾ رهڻ لائق اهو آهي جيڪو چلتو پرزو هوندو، گشو گپو هٿيندڙ هوندو.“

ڪنهن چيو هو، ”گوتم، گاندي، ڪرائيسٽ يا ڪارل مارڪس دنيا ۾ رهڻ لائق نه هئا؟ سچ ته اهي ئي انسان دنيا ۾ رهڻ لائق آهن جيڪي دنيا جو درد دل ۾ سمائي، زندگيءَ کي وڌيڪ سندر بنائي وڃن ٿا.“

ٻئي ٽيڪو ڏنو هو، ”جهان ۾ رهڻ لائق نه اهي آهن جيڪي زندگيءَ تي سوچ ڪن ٿا. اهڙن جيوت جي

سڀني کي ڳولهي لڌو آهي پوڙهيءَ، سادگي ۽ قربانيءَ
۾. انهن ۾ هڪڙي ڪلي چيو هو "پوڙهيءَ، سادگي ۽
قربانيءَ جي مورتي نه ڳائون ۽ گڏهه آهن، پوءِ چترڪار مست
ٻڍي جي بدران ڳائون ۽ گڏهه جو چتر نه ڪيندا آهن؟"

مون اُتر ڏنو، "ڳائون نه وڇڙن سان ويٺل گهٽن تي
چترن ۾ ڏني آهي، ڪرشن جي پٺيان به — ڳائون بيٺل
هوندي آهي. گڏهه جي ڳالهه نياري آهي...."

ان تي ڪڙڪو ٿيو، منهنجي دماغ ۾ هلندڙ بحث جي
ڪڙي ٽٽي پيئي. ان ڪوليج ۾ هو پڙهندو هو. اسڪول ۾
کيس "روڏ" ڪري چيڙائيندا هئا. ڪاليج ۾ نه هو
اسان سان آيو ٿي ڪين. منهنجو ڏورانهون عزيز هئڻ
جي ناتي اڪثر ايندو آهي. چيومانس "ٽيڪو،
مکڻ، شيام، گوپي اڄ هاڻي وڏا آهن."

بي پرواهيءَ سان گڏ ٿوري نفرت ملائي چيائين
"چڱو ٿيو انهن ٻڪارن جو منهن نه ڏٺم."

منهنجو پيءُ سامهون آرام ڪرسيءَ تي اخبار پڙهي
رهيو هو، ڪلي پڇيائينس، "تون ڪهڙي ڪارداري
ڪمائي آيو آهين هيرالد!" سندس ڳالهائڻ ۾ ٽوڪ
کان وڌيڪ مذاق هو.

هيرو هڪو ٻڪو ٿي ويو. ٻيا ڪجهه چوڻ جي وڃي
رڳو جي پرسان ويهي رهيو. دادا وٽانئس جواب ٻڌڻ
جي اوسيڙي ۾ عينڪ لاهي هٿ ۾ کڻي بيٺا هئا. هاڻ

جڏهين هيرو ريڊيو وڄائڻ کي لڳي ويو تڏهين آهستي آهستي چيائين، "ٻولتو ٿي رهجي ويو." ۽ عينڪ پائي اخبار پڙهڻ لڳي ويو.

پاڙيسرڻ پاري لنگهي آئي. ڪڪ ٿي چيائين، "لنگهجو نه، گهر آهي جهڙي هوٽل. جڏهن اچ تڏهن ڪير نه ڪير ويٺو ئي آهي." هيري طرف اشارو ڪري ڏاڍي ٻڇان سان چيائين، "هاڻي هنجي وري ڪهڙي ضرورت هئي؟" ۽ گوريون اکيون ڪڍي پڇيائين، "وٽندو آهي نوڪري؟.... الاجي اچڻ ڪيئن ٿي ڏيس هوڙن پراڻن ڪپڙن سان؟"

مان ته پريشان ٿي ويس، شل ٻڌي نه ورتو هجيس. مگر ڏٺم ته هو ريڊيو وڄائڻ ۾ مشغول هو ۽ راڳ گنگنائي رهيو هو. سامت جو ساهه کنيم. پاڙيسرڻ جو سوال ڪنن ۾ پئي وڄيو، "وٽندو آهي نوڪري؟" ۽ ريڊئي سان گڏ هيرو آهستي گنگنائي رهيو هو "ڪتني انسي ڪليان هئن جو نيا بولين، نيا مدهن کولين." منهنجي پاڙيسرڻ نه پهنجي منڊيءَ جي هيرن جو شعاع ڏسڻ ۾ مشغول هئي. دل ۾ آيو جيڪر ڪيس هٿ کان اُٿاري چوان "هلي وڃ هتان، اي انسان کي پٿر سمجهڻ واري عورت!" مگر هاءِ ڙي سيپتا! من پئي ڪڙهيو نه ته ڪلي چيم، پهنجا عزيز ڪي گڏا گڏيون نه ناهن، جن لاءِ وٽڻ نه وٽڻ جو سوال اُٿي سگهي. بس هو پهنجا آهن.

سندن وٽڻ لاءِ اهو ڪافي ناهي ڇا؟ ۽ ڪير ٿو ڄاڻي زماني جي گردش ۾ ڪير ٿو ڪڏهن ڦاسي."

"اها ته ڪا ڳالهه آهي، ٻئي ٻار اٿس. ڇو ڪين ٿو، انهن سان ٺهي هلي."

مون چيو، "ڏاڏي ٺهي هلڻ نه برابر گهرجيس، پر تون ڄاڻين ٿي ته هن وقت ۾ ٻار کي پئسي پڄر کان وڌيڪ عزت ۽ پيار جي ضرورت ٿيندي آهي، سو نه سندس پاڻن وٽان ڪڏهين مليو ٿي نه اٿس."

"هتي وڃي مون عزت ۽ پيار، ملن نه ملن، اڪائي نه ملن، ماڻهو چلتو پرزو ٿي ڪم ٿو ڪڍائي، ڪهڙي گهر جو ڇوڪرو، افعال ڪهڙا ٿو ڪري هلي..."

مون ٻاڙيسرڻ کي اشاري ۾ چپ ڪرڻ لاءِ چيو. پر هتڙي بيروزگار ڇوڪري جي پرواهه ڪرڻ ڪيس موڙ ڪين آئڙي. موڙو ڪٽي ڏنائين. چيائين، "ڏس نه، منهنجو ڏير ڪيڏو وڏو ڪمائي. ڪسٽم وارن جي مٽ ڪوسي ڪري، اڄ ته الاهي مال ڇڏائي آيو آهي" ۽ منهنجي پيءُ طرف منهن ڪري چيائين، "ڏاڏا ڏسندا هلي مال؟ توهان ڪي دڪان لاءِ ڪجهه کپي؟" ڏاڏا اُٿي ساڻس گڏ هليو ويو.

هيرو اڄا ته ريڊيو ٻڌي رهيو هو. ٻاڙيسرڻ جي وڃڻ تي ريڊيو بند ڪري پڇيائين، "ڏيڏي پوءِ ڪيڏن ٿي اچڻ ڏين، مولڪي گهر ۾؟

منهنجا رومَ رومَ ڪَڙا ٿي ويا. چيم، ”هاءِ هاءِ! تـو هن ٻاڙيسرڻ جو هيڏو وڍڻ ڪيئن سٺو؟ ڪٿان آنـدءِ ايڏو صبر؟“

هو کلي رهيو هو، ”ٻـاهر ڇا ڇـا سهڻو ٻولدو آهي ديدي! توکي ڪهڙي خبر؟“

اکيان اچي هـڪ ٻئي جي ٻـــڙي مان قاتل سوٽ اکيان وڌائي چيائين، ”ٻه ٽي ٽوپا ايندا، هٿي ڏيندين نه؟“

”ڏاهو ٺيءَ هيرا! اج موڪان هڪ سوٽ وٺي وڃ.“ مون وڏيءَ ٻيڻ والـگر حجت هلائي.

ڪلهدي ڪند لوڏيائين. من ۾ الاجي ڇـا آيس جـو لڇ ٻرجي ويئي سندس مکڙي تي.

مشين ڪٽي، جو سوٽ کي ڇتيون لڳائـڻ ويٺس ته محسوس ڪيم، هو موڪي ڪجهه ٻڌائڻ ٻيو چاهي.

الائي ڇو هوا کي ايڏو زور سان لڳڻ جو شوق اچي ٿيو هو جو هر هر منهنجا وار ڦڻائي چادرن جون ڪنڊون مٿي ڪندي ٿي ويئي. سٽيم مان ڌاڳو ٽٽي پيو، رنڊٽي مان ٻاجي سڙڻ جي ٻانس اچي اڪ ساڙيو. خفي ٿـي چيم، ”تنهنجا روز روز جا هي ٽوپا نه تنگ ڪندڙ آهن. چار ٻنج سوٽ ٻه ٺٺي رکين.“

”سٽي سڱو ڏي ته مان ٽي سڀي وٺان.“

دل ۾ چيم، ”اڙي خود دار، ايڏي خـود داري ڏيکاري ڪيڏو ڪاوڙائين تو، ڇاڻ اٿيئي؟“ مگر مون

ڪي جو سڌ آهي ته هن جي دل ڏاڍي جذباتي آهي، سو ڪجهه نه چئي سگهي سائس. رلڊي ۾ وڃي اسٽوُ مان هوا ڪڍي آيس ۽ ٻاهر اچڻ لي ڏنم، هو سڄي سڄو ڪٽي سوٽ ڪري نوپا ڏيئي رهيو. هوا سندس وارن ڪري ترتانءُ ونئي ڏيڻ لاءِ پڪائي رهي هئي. اپوڳا وار ۽ ٻيا ليل اهڙا ٿي لڳا جهڙا بيگانا ٻار. ١٨ سالن جو ڦڏڙ مڪڙوسڪي ويو هو، هڪ اهڙي وڏي جيان، جنهنڪي پورو پاڻي ئي نه مليو هجي. چپ چاپ سندس مڪڙي ڪي لڪي رهي هئس، جو ڏندن سان سڄو چٻي چپائين، "ان ڪري نه ڪنهن جو ٿڌو ٿورو نه ڪٽيندو آهيان."

مون سخت هار کاڌي. نه هن ڪان، پر ان انسان ڪان جو هرڪنهن جي اندر ويٺو پڏ پڏ ڪري چوي، "مان صحيح آهيان، انصاف وارو آهيان، سچو آهيان." ۽ الاجي ڇا ڇا آهيان. پر هو سڄ پچ ڇا آهي، ان جو پتو پئجي ويو.

هن ڏهين ريٽي وارا ٻه نوٽ ڪيسي مان ڪڍي ڪٽي منهنجي هٿ تي رکيا. مون ۾ شڪ جاڳيو آخر بيروزگاريءَ جي سخت هوا هنجي چولر ۾ ٻه ٽنگ ڪري ئي ڇڏيا. پيرن هيٺان زمين کسڪي ويئي. ساري گهٻراهٽ کي لڪائي چيم ۽ بلڪل مسخريءَ ۾ چيم، "ڪنهن جو پاڪيٽ ته نه ماريو اٿيئي؟"

لاهڻ، رستي ۽ پيدون وڪڻندڙن جو نه ڪڏهين گذجيون وڪڻندڙن جو جت تي بيهڻ، هوٽيل ۾ گراهڪن کي ڇانهه پهچائڻ، لانڊريءَ ۾ استري ڪرڻ، مطلب هر قسم جي ڏاڍي ۾ همت وجهي ڏٺو هئائين. سندس سڀاءَ جا سڀ ڪنڊون پاسا لسا ٿي ويا هئا. اڄ نه ونس ايمان آهي، نه گهٽتائيءَ جو احساس. نه ڪنهن کي ڌارئو ٿو سمجهي نه پنهنجو.

ڪپڙا سادا آهن نه ڇاهي.... رونيءَ جي وقت فقط ان آن جي اوسل پاءَ مليو نه به ڇاهي... پر منهنجي لنهنجي گهر ڪڏهين نه ڪانيندو. هڪ ڏينهن ان جو راز پڇيو هو ماس. چيائين، "هڪ ڇاڇيءَ وقت، رڳو هڪڙي ڏينهن ڇانهه پيتي هئم ۽ بس ٻئي ڏينهن ڏر ۾ گهڙيس مس نه چيائين، اڄ نه ڇانهه خلاص ٿي وئي. جڏهن مان ونس ڇانهه پيئڻ لاءِ ٿي ويو هوس. بس ان ڪانپوءِ ڪنهن وقت ڪجهه به نه ڪانيندو آهيان."

مان چپ چاپ ٻڌي رهي هئس. هن کلي پڇيو "ڏيڏي ماڻهو نه سمجهندا ٺيڪ اٿم.... پر لون ڇا ٿي سمجهين؟

"مان؟.... مان نه الڪي سومان ٿي سڏيندي س..."

"سومان جي نه ڏيڏي ڪنهنکي خبر ٿي ڪانهي! سڀ انيين ڳالهائيندا آهن جڏهن پئسا نه ڪمائي سگهڻ ۾ منهنجو ئي ڏوهه آهي. عجب نه ان ٿان لڳندو آهي

جڏهن ڏسندو آهيان، سڳا ٻار به انهن تي هلندا آهن.“

هن ٻال گوپال اڄ ڪيئن ڪٽي دل پلٽي هئي مون اڳيان.... ڏسي عجب ٿي لڳم.

پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيائين، ”ميٽرڪ پاس ڪرڻ لاءِ به ڇا گهٽ ڪوشش ڪئي هئي مون؟ مگر وس ئي نه هليو. منهنجو لاڙو هو ڊرائنگ ڏانهن. پر هتي هر ڪنهن کي سندس لاڙي مطابق تعليم ملي ڪٿي ٿي؟“

منهنجي اکين اڳيان اسڪولي ڏينهن واريون تصويرون ڦري وييون. هو ڊرائنگ ۾ سڀ کان هوشيار هو. انسپيڪشن جي ڏينهن ۾ هيرو سڪول جو شان بڻجي پوندو هو، باقي سال جي ٻين مهنن ۾ ڪير پڇندو به ڪونه هوس. گهر ۾ نه ماءُ نه پيءُ، نه وري پئسو. ان ڪري ڊرائنگ ۾ به ماهريت حاصل ڪري نه سگهيو. هڪ سٺي چترڪار بدران ڪاريگر بڻجي پيو هو. منهنجي من اندر ڪوئي مون کي تنولي ڪرڻ لڳو. ”رڳو مست ٻڳي جوئي ڇو، ڪامديوءَ جو به نه چتر چٽيو آهي نه هن ملڪ ۾!“ چيم، ”عيرا، تون به چلتو پرزو ٿي پئين، زندگي تو جهڙن لاءِ ناهي. هتي ڪامديوءَ بڻجڻ سان ڪم نه هلندو، مست ٻڏو ٿي هل.“ چوڻ کي نه هئي سڀ ڇڏي ويس، پر اندر ڪوئي کلي چوڻ لڳو، تون به انهن تي سمجهين؟

هيري چيو، "ڏاڏي مان هڪ نه آهيان. مون جهڙا ايڪ انسان آهن، جي چلتو پرزا ناهن. هو ڪامڊيوءَ جهڙا سادا آهن، ڪمي آهن. بيروزگاريءَ جي عرصي ۾ ڪيئين انسان مليا اٿم، جي مون سان سڀي ۾ سڪوڙجي سمهندا، پر ڪنهن جي مهرباني نه ڪڍندا. پورهيو ڪندا رت ڏيندا پر چوري نه ڪندا. ڏاڏي، اسين مست ٻيگن والگر ٻين کي لتاڙڻ نٿا چاهيون. ٻين جو درد ڄاڻون ٿا، انهنجو قدر اٿئون. "انسان جو آهيون..." هيرو اٿيو ساهه کڻي چپ ٿي ويو؛ مدهنجي من ۾ هلندڙ ڪاليجي مترن جي اڏش جو ليڙو لڳي ويو.